# مدني جي مچي

سنڌي ترجمو




| | | | |
|---|---|---|---|
| ايثار جا ڪي چنبو آهي | 3 | مال ڪان نسي طرح جا فائدا ملندا آهن | 13 |
| ٻار جي روزي جو اهم ترين مسئلو | 21 | پنهنجي ضرورت جي شي ڏيڻ جي فضيلت | 27 |
| ساهه نڪرڻ مهل به ايثار! | 34 | لباس جا 14 مدني گل | 40 |



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه



مدني چينل ڏسندا رهو



مكتبة المدينه (دعوت اسلامي)

شيخ طريقت، امير اهسلنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دامت برکاتهم العاليه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جن جو اُردو زبان ۾ تحريري بيان

# مديني جي مڇي

## مجلسِ تراجم

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته **مجلس تراجم** کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران

پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

فون نمبر: 91_90_021_34921389

*E-mail: majlistarajim@dawateislami.net*

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 |
| اِيثار ڇا کي چئبو آهي | 3 |
| انگورن جو ايثار | 3 |
| ننڍپڻ جي اداءِ مصطفيٰ | 4 |
| چڱائي کي هرگز نه پهچندؤ | 5 |
| آيت جي تَشريح | 5 |
| کنڊ جو ٻوريون | 5 |
| پسنديده باغ | 6 |
| عمده گهوڙو | 8 |
| فاروق اعظم کي ٻانهي پسند آئي ته ان آزاد ڪري ڇڏيائون | 9 |
| ابوذَر غِفاري جو عمده اُٺ | 10 |
| مال کان ٽي طرح جا فائدا ملندا آهن | 13 |
| وارث جو مال | 14 |
| آخري پساهن ۾ به ايثار | 14 |
| سخاوت ۾ حيرت انگيز جلدي | 15 |
| نيڪي ۾ جلدي ڪرڻ گهرجي | 16 |
| چٺي پڙهڻ بغير درخواست منظور | 16 |
| دل دولت سان نه ڀلائي سان خريد ڪري سگهجي ٿي | 17 |
| سخي اهو ناهي جيڪو صرف گهرڻ تي ڏي | 18 |
| دوست جي خبر چار نه ڪرڻ تي افسوس | 18 |
| نرالي مهمان نوازي | 19 |
| آقا ٻي ڏينهن لاءِ کاڌو نه بچائيندا هئا | 21 |
| ٻار جي روزي جو اهم ترين مسئلو | 21 |
| احد جبل جيترو سون هجي تڏهن به ... | 22 |
| سنتن جو پرچار ڪرڻ وارؤ! | 23 |
| باهه جا ڪنگڻ | 24 |
| بيبي فاطمه جو ايثار | 24 |
| کارائڻ پيئارڻ جو عظيم الشان ثواب | 25 |
| انوکو دسترخوان | 26 |
| ضرورت جي شيءِ ڏيڻ جي فضيلت | 27 |
| ايثار جو ثواب مفت حاصل ڪرڻ جو نسخو | 27 |
| ايثار جو ثواب بي حساب جنت | 28 |
| جڏهن جنت جي دعا ڏيان ٿو ته مالي ايثار کان ڪيئن مڙان! | 29 |
| ٻڪري جي منڊي | 29 |
| قطب مدينه ۽ ايثار ڪرڻ وارو تاجر | 30 |
| انوکو ڏاڙيل | 31 |
| پنهنجو کاڌو ڪتي تي ايثار | 33 |
| ڪتي جي ايثار جي عجيب حڪايت | 33 |
| ساهه نڪرڻ مهل به ايثار! | 34 |
| پاڻي جو ايثار ڪرڻ وارو جنتي ٿي ويو | 36 |
| لباس جا 14 مدني گل | 40 |

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ؕ وَ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ ؕ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# مدني جي مڇي

شيطان يلي ڪيتري بہ سستي ڏياري پر هي رسالو اول تا آخر پڙهي ونو، اِن شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ بين مسلمانن خاطر پنهنجي ذات تي ايثار جو جذبو وڌندو ۽ هي جنت حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻجندو.

## دُرُود شريف جي فضيلت

قيامت جي ڏينهن ڪنهن مسلمان جون نيڪيون مِيزان (يعني ترازي) ۾ هلڪيون ٿي وينديون تہ **سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات، محبوبِ ربُّ الاَرض وَالسَّمٰوٰت** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هڪ پرچو پاڻ وٽان ڪڍي نيڪين جي پلڙي ۾ رکندا تہ ان سان نيڪين جو پلڙو وزني ٿي ويندو، اهو عرض ڪندو: منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! اوهان ڪير آهيو؟ **حُضُور** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمائيندا: مان تنهنجو نبي محمد (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) آهيان ۽ اهو تنهنجو درود شريف هو جيڪو تو مون تي پڙهيو هو .

(ڪتاب حسن الظن بالله لابي بڪر بن ابي الدنيا ج 1 ص 92 حديث 79 ملخصاً)

ہم نے خطا میں نہ کی تم نے عطا میں نہ کی
کوئی کمی سرورا تم پہ کروڑوں دُرُود

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(1) هي بيان امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ العَالِیَہ تبليغ قران ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ ۾ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع (5 ربيع الغوث 1432ھ/ 11ـ 3ـ 10) ۾ فرمايو، ترميم ۽ اضافي سان لکت ۾ حاضر خدمت آهي. **مجلس مڪتبة المدينہ**

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

حضرت سيّدُنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا بيمار هئا، سندن کي تريل مڇي کائڻ جي خواهش ٿي، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جا خادم حضرت سيّدُنا نافِع رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: گهڻي ڳولها کان پوءِ مون کي ڏيڍ درهم ۾ هڪ مڇي مديني پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْماً مان ملي وئي، مون ان کي ڀُڃي ڪري سندن جي خدمت ۾ پيش ڪئي، ايتري ۾ هڪ سائل (يعني فقير) آيو، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن فرمايو: نافِع! هي مڇي سائل کي ڏئي ڇڏيو . مون عرض ڪيو: اوهان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي ان جي وڏي خواهش هئي، وڏي ڪوشش ڪري مديني جي مڇي مون خريد ڪئي آهي، اوهان هن کي کائو مان هن مڇي جي قيمت سائل کي ڏئي ڇڏيان ٿو . فرمايائون: نہ توهان هي مڇي هن کي ڏئي ڇڏيو، پوءِ مون اها مڇي سائل کي ڏئي ڇڏي ۽ پويان وڃي ان کان خريدي ورتي ۽ سندن کي پيش ڪئي، ارشاد فرمايائون: هي مڇي ان سائل کي ڏئي ڇڏ ۽ ان جي قيمت بہ جيڪا ادا ڪئي آهي اها بہ ان وٽ رهڻ ڏيو. مون سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻڌو آهي: جيڪو شخص ڪنهن شيءِ جي خواهش رکندو هجي، پوءِ ان خواهش کي روڪي پاڻ تي (ڪنهن ٻئي کي) تَرجيح ڏئي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي- (احياءُالعلوم ج 3 ص 114) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏھ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

## اِيثار ڇا کي چئبو آهي

اي عاشقانِ رسول ۽ منهنجا مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! حضرت سيِّدُنا عبدالله بن عمر رضی اللہ تعالیٰ عنہما جن کي پنهنجي نفس تي ڪيتري قدر قابو هو جو شديد خواهش جي باوجود پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ مديني جي مڇي نہ کاڌي، ثواب حاصل ڪرڻ جي نيّت خاطر پنهنجي دُنيوي نعمت راهِ خدا ۾ اِيثار ڪري ڇڏي. اِيثار جي معنيٰ آهي: ”ٻين جي خواهشن ۽ حاجتن کي پنهنجي خواهش ۽ حاجت تي ترجِيح ڏيڻ.“

## انگورن جو ايثار

حضرت سيِّدُنا عبدالله بن عمر رضی اللہ تعالیٰ عنہما جي ايثار جي هڪ ٻي حڪايت ملاحظہ فرمايو، حضرت سيِّدُنا نافِع رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا: حضرت سيِّدُنا عبدالله بن عمر رضی اللہ تعالیٰ عنہما بيمار ٿي ويا، پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جن کي خواهش ٿي تہ جڏهن انگور جو ميوو پهريون ڀيرو اچي تہ اهي کائجن، پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جن جي گهرواريءَ حضرت سيدتنا صَفِيَّہ رضی اللہ تعالیٰ عنہا هڪ دِرهم جا انگور گهرايا، ايتري ۾ هڪ سائل (يعني فقير) انهن انگورن جو سوال ڪيو، حضرت سيِّدُنا عبدالله بن عمر رضی اللہ تعالیٰ عنہما ارشاد فرمايو: هي انگور ان سائل کي ڏئي ڇڏيو، ان کي ڏنا ويا. ٻيبي صاحبہ رضی اللہ تعالیٰ عنہا ٻيهر هڪ درهم جا انگور گهرايا، انهيءَ سائل وري سوال ڪيو: پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جن فرمايو: اهي انگور بہ ان کي ڏئي

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم: **جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.**

**ڇڏيو، ايستائين جو بيبي صاحبه** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا **ٽيون ڀيرو انگور گهرايا.** (شعب الايمان ج 3 ص 259 حديث 3481) **الله**عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ننڍپڻ جي اداءِ مصطفيٰ

**حضرت سيّدُنا عبدالله بن عمر** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا **ڪي جنهن در تان ايثار جو جذبو مليو، ان جي ڇا ڳالهه ڪجي! يعني منهنجا پيارا پيارا آقا مڪي مدني مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جو مبارڪ شان هي هو جو کير پيئڻ واري عمر ۾ به عدل ۽ انصاف فرمائيندا هئا جيئن روايتن ۾ اچي ٿو ته سيّدَتُنا حليمه سعدِيَّه** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا **جو پنهنجو اولاد به هو، جيڪو کير پيئڻ ۾ شريڪ ٿيندو هو، تنهنڪري سلطان مدينه** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **ڪي پلي ڪيتري به بک هجي صرف هڪ پاسي کان کير پيئندا هئا.** (المَواهب اللّدُنية ج 1 ص 79 ملخصاً) **انهيءَ ايمان افروز اداءِ مصطفيٰ ڏانهن اشارو ڪندي منهنجا آقا اعليٰ حضرت، عاشقِ ماهِ رسالت امام احمد رضا خان** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْحَنَّان **پنهنجي نعتيه ديوان حدائقِ بخشش ۾ فرمائن ٿا:**

بھائیوں کیلئے ترکِ پِستاں کریں
دودھ پیتوں کی نِصفَت[1] پہ لاکھوں سلام

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(1) عدل ۽ انصاف

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

# چڱائي کي هرگز نہ پهچندؤ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان اسان جا صحابہ ڪرام علیھم الرضوان پنهنجي اندر ڪيترو نہ ايثار جو جذبو رکندا هئا! پنهنجي پسنديده شيءِ کي راهِ خدا ۾ ڏيڻ واقعي اَجر ۽ ثواب جو ڪم آهي قرآن شريف جي چوٿين سيپاري جي شروع ۾ ربُّ العِباد عزوجل جو ارشاد آهي:

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ ؕ (پ 4، آل عمران آيت 92)

ترجمو ڪنزالايمان: اوهان ايستائين چڱائي کي هر گز نہ پهچندؤ جيسين پنهنجي پياري شيءِ (راهِ خدا ۾) خرچ نہ ڪندؤ.

# آيت جي تَشريح

خزائنُ العِرفان ۾ هن آيت تحت صَدرُ الاَفاضِل حضرت علامه مولانا سيد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي علیہ رحمۃ اللہ الھادي لکن ٿا: (حضرت سيِّدُنا) حسن (بصري) علیہ رحمۃ اللہ القوي جو قول آهي: جيڪو مال مسلمان کي پيارو هجي ۽ ان کي رضاءِ الٰهي لاءِ خرچ ڪري اهو هن آيت ۾ داخل آهي چاهي هڪ ڪجور ئي ڇو نہ هجي. (تفسير خازن ج 1 ص 272)

# کنڊ جو ٻوريون

اميرُالمُؤمنين حضرت سيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رضی اللہ تعالیٰ عنہ کنڊ جون ٻوريون خريد ڪري صدقو ڪندا هئا. ٻانڌ رضی اللہ تعالیٰ عنہ سان عرض ڪيو ويو: هن جي قيمت ڇو نٿا صدقو ڪيو؟ فرمايائون:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

ڪنڌ مون کي محبوب ۽ مَرغُوب (يعني پياري ۽ پسنديده) آهي ۽ مان چاهيان ٿو راهِ خدا ۾ پنهنجي پياري شيء خرچ ڪيان. (تفسير نسفي ص 172) **اللہ** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي۔** اٰمِين بِجَاهِ النبِي الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# پسنديده باغ

حضرت سيِّدُنا ابو طلحه انصاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ مديني منور ۾ سيني انصارن کان وڌيڪ باغن وارا هئا. انهن کي پنهنجي مال ۾ "**بَيرُحا**" (نالي باغ) سڀ کان وڌيڪ پيارو هو جيڪو مسجد نبوي شريف علي صاحبها الصَّلوٰةُ وَالسَّلام جي سامهون هو. سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اتي تشريف وٺي ويندا هئا ۽ اتان جو بهترين پاڻي نوش فرمائيندا هئا. جڏهن چوٿين سيپاري جي شروع واري آيت لَنۡ تَنَالُوا الۡبِرَّ حَتّٰى تُنۡفِقُوۡا مِمَّا تُحِبُّوۡنَ ؕ (ترجمو ڪنزالايمان: اوهان ايستائين ڇڱائي کي هرگز نه پهچندؤ جيسين پنهنجي پياري شيء (راهِ خدا ۾) خرچ نه ڪندؤ) نازل ٿي ته انهن بارگاهِ رسالت ۾ بيهي عرض ڪيو: مون کي پنهنجي مال مان "بَيرُحا" سڀ کان وڌيڪ پيارو آهي مان ان کي راهِ خدا ۾ صدقو ڪيان ٿو، مان **اللہ** عَزَّوَجَلَّ وٽ ان جو ثواب ۽ ان جو ذخيرو چاهيان ٿو. يارسول **اللہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان هن کي ان (جڳهه) تي خرچ فرمايو جنهن تي ربّ تعاليٰ اوهان جي راءِ قائم فرمائي، رسول **اللہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بَخٍ ذٰلِكَ مَالٌ رَابِحٌ

فرمانِ مصطفيٰ صلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط اُحد پهاڙ جيڏو آهي.

”يعني خوب! هي وڏي نفعي جو مال آهي“. جيڪو توهان چيو مون ٻڌي ورتو، منهنجي راءِ هي آهي ته اوهان هن کي پنهنجي قريبي مائٽن ۾ وقف ڪري ڇڏيو، سيِّدُنا ابوطلحه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان ائين ئي ڪيان ٿو، پوءِ سيِّدُنا ابوطلحه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ اهو باغ پنهنجي مائٽن ۽ چاچي جي پٽن ۾ ورهائي ڇڏيو . **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي۔** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

مُفَسّر شَهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْہِ رَحْمَۃُ الحَنَّان مِراٰةُ المَناجِيح جلد 3 صفحي 125 تي فرمائن ٿا: ”بَيْرُحا“ جا مُحدِّثِين اَٺ معنيٰ لکيا آهن: جن مان هڪ هي آهي ته ”حاء“ هڪ ماڻهو جو نالو هو جنهن هي کوهه کوٽايو هو ۽ هي کوهه هن باغ ۾ هو تنهنڪري انهيءَ باغ جو نالو به اهو ئي پئجي ويو، اهو کوهه اڄ تائين موجود آهي فقير (يعني مفتي صاحب) ان جو پاڻي پيتو آهي . وڌيڪ اڳتي فرمائن ٿا: حُضُور کي به ان جو پاڻي گهڻو محبوب هو، انهيءَ لاءِ جاڻ رکندڙ حاجي ضرور هن جو پاڻي برڪت جي لاءِ پيئن ٿا. (اڄڪلهه ”بيرحا“ جي زيارت نٿي ٿي سگهي، نه ان جو پاڻي پيءِ سگهجي ٿو ڇو ته اهو هن مسجد نبوي شريف علي صاحِبِها الصَّلٰوۃُ وَالسَّلام جي توسيع ۾ شامل ٿي چڪو آهي، ها جاڻ رکندڙ مسجد نبوي علي صاحِبِها الصَّلٰوۃُ وَالسَّلام ۾ هن خاص جڳهه جي زيارت ڪري سگهن ٿا جتي بيرحا هو) مفتي صاحب صفحي 126 تي حديث پاڪ جي هن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

حصي "خوب! هي وڏي نفعي جو مال آهي" جي تحت فرمائن ٿا: يعني ابو طلحہ! توهان کي هن باغ وقف ڪرڻ ۾ وڏو نفعو ٿيندو، خبر پئي ته حُضورِ انور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عملن جي قبول ٿيڻ جي به خبر آهي ۽ هي به ته ڪنهن جو عمل ڪهڙي درجي ۾ قبول آهي (۽) هي باغ ڇو نه قبول ٿيندو! باغ به سٺو هو، وقف ڪرڻ وارا به سٺا يعني صحابي ۽ جن جي طفيل وقف ڪيو ويو اهي به سٺن جا شهنشاهہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

سارے اچھوں میں اچھا سمجھیے جسے

ہے اُس اچھے سے اچھا ہمارا نبی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عمده گهوڙو

تفسير خازن ۾ چوٿين سيپاري ۾ پهرين آيت

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ ۬ (پ 4، آل عمران آيت 92)

ترجمو ڪنزالايمان: اوهان ايستائين چڱائي کي هر گز نه پهچندؤ جيسين پنهنجي پياري شيء (راهہ خدا ۾) خرچ نہ ڪندؤ

تحت آهي: حضرت سيِّدُنا زيد بن حارثہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هن آيت سڳوري نازل ٿيڻ تي پنهنجو عمدو ۽ نفيس گهوڙو دربارِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ آندو ۽ عرض ڪيو: هي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ "صدقو" آهي. مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو گهوڙو ان جي پٽ سيِّدُنا اُسامہ بن زيد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي عطا فرمايو، حضرت سيِّدُنا زيد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو: يا رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي نيّت

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ علیه واله وسلم : توهان جتي به هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

صدقي جي آهي، ارشاد فرمايو: ربّ عَزَّوَجَلَّ تون جو صدقو قبول فرمائي ورتو . (تفسير خازن ج 1 ص 272) **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## فاروق اعظم کي ٻانهي پسند آئي ته ان آزاد ڪري ڇڏيائون

اَميرُ المُؤمنين حضرت سيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ حضرت سيِّدُنا ابو موسيٰ اَشْعَري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي لکيائون ته منهنجي لاءِ هڪ ٻانهيءَ خريد ڪري موڪلي ڏيو. انهن موڪلي ڏني، اها حضرت سيِّدُنا فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي گهڻي پسند آئي، پاڻ هي آيت لَنۡ تَنَالُوا (آخر تائين) پڙهي ان ٻانهيءَ کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ آزاد فرمائي ڇڏيو . **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪاش اسان ۾ به اهڙي ايثار ۽ قرباني جو جذبو پيدا ٿي وڃي جو اسان به پنهنجون پياريون شيون راهِ خدا ۾ لٽائي ڇڏيون، افسوس! اسان ته سنين ۽ عمدا شين کي جان وانگر سنڀالي رکندا آهيون ۽ جيڪڏهن راهِ خدا ۾ ڏيڻ يا ڪنهن کي تحفو پيش ڪرڻو پوي ته عموماً بيڪار ۽ فالتو شيون ڏيندا آهيون ۽ اهي به اهي ئي جيڪي اسان جي لاءِ ڪارائتيون نه هونديون آهن! ڪيڏي نه محرومي جي ڳالهه آهي جو جنهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي نعمتون عطا فرمايون آهن ان جي عطا ڪيل نعمتن مان ان جي راهه ۾ ڏيڻ لاءِ اسان تيار نه هوندا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى الله تعالیٰ علیہ والہٖ وسلّم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

آهيون، اسان جون شيون چاهي چوري ٿي وڃن، يا ٻري وڃن، هيڏانهن هوڏانهن گُم ٿي وڃن تہ پرواهہ ناهي، آهہ! اسان جي دل ناهي چاهيندي تہ راهِ خدا ۾ ڏيڻ لاءِ ناهي چاهيندي .

دے جذبہ تو ایسا ترے نام پر دوں
پسندیدہ چیزیں لُٹا یا الٰہی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ابوذَر غِفاري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو عمده اُٺ

پنهنجي پياري شيء راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ڏيڻ جو هڪ ٻيو ايمان افروز واقعو پڙهو ۽ جهومو، مشهور صحابي حضرت سيّدُنا ابوذَر غِفاري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ مديني پاڪ جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ رهندا هئا، گذاري لاءِ اوهان وٽ ڪجهہ اُٺ هئا ۽ هڪ ڪمزور ٻڪرار . هڪ ڀيري خاندان بنو سُلَيم جي هڪ صاحب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ حاضر ٿي عرض گذار ٿيا تہ حضور! مون کي پنهنجي صحبت ۾ رهڻ جي اجازت عطا فرمايو، فيض بہ حاصل ڪندس ۽ اوهان جي ٻڪرار جو ساٿ پڻ ڏيندس، سيّدُنا ابوذَر غِفاري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پاڻ سان گڏ رهڻ جي شرط (جڻ تہ مدني فيس) هي ارشاد فرمائي جو اوهان کي منهنجي اِطاعت (يعني فرمانبرداري) ڪرڻي پوندي، عرض ڪيو: ڪهڙي ڳالهہ ۾؟ فرمايائون: ”جڏهن مان پنهنجي مال مان ڪا شيء راهِ خدا ۾ ڏين جو چوان تہ سڀ کان بهترين شيء ڏيڻي پوندي.“ انهن منظور ڪيو ۽ با برڪت صحبت مان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

فيضياب ٿيڻ لڳا، هڪ ڏينهن ڪنهن سيِّدُنا ابوذَر غِفاري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ سان عرض ڪيو: حضور هتي ندي جي ڪناري ڪجهہ غريب آباد آهن ٿي سگهي تہ انهن جي اِمداد فرمايو. سُلَيمي صاحب چون ٿا: پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ مون کي حڪم ڏنو: هڪ اُٺ ڪٺي اچو. مان ويس ۽ سڀ کان پلو اُٺ وٺي وڃڻ جو ارادو ڪيو پر ذهن ۾ آيو تہ هي اٺ سيِّدُنا ابوذر غفاري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي سواري جي لاءِ ڪارآمد بہ آهي ۽ فرمانبردار بہ، مقصد تہ صرف گوشت تقسيم ڪرڻ آهي، تنهنڪري هن جي بدلي هن کان بعد واري درجي جي بهترين ڏاچي پيش ڪري ڇڏي . فرمايائون: اوهان خيانت ڪئي، مان سمجهي ويس، ۽ ان اُٺ کي حاضر ڪري ڇڏيو، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ حڪم فرمايو: ندي جي ڪناري جيترا گهر آباد آهن سيني جي ڳڻپ ڪري وٺو ۽ ان ۾ منهنجو بہ گهر بہ شامل ڪيو، پوءِ اُٺ کي نَحر ڪري سيني گهرن ۾ برابر گوشت پهچايو، منهنجي گهر ۾ بين گهرن جي مقابلي ۾ هڪ بوٽي بہ وڌيڪ نہ وڃي هن ڳالهہ جو خاص خيال رکجو، حڪم جي پيروي ٿي، فارغ ٿيڻ کان پوءِ مون کي گهرائي، فرمايائون: ڇا اوهان پنهنجو واعدو وساري ڇڏيو؟ مون عرض ڪيو: مون کي واعدو ياد هو ۽ پهريان انهيءَ اٺ کي آندو پئي، پر مون کي خيال آيو تہ هي اُٺ اوهان جي سواري جو آهي ۽ اوهان جي لاءِ ڪارائتو آهي، صرف اوهان جي ضرورت جي ڪري ان کي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود شريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

چڏيو هو . فرمايائون: صرف منهنجي ضرورت خاطر هن ڪي چڏيو هو؟ عرض ڪيو: جي ها، فرمايائون: پنهنجي ضرورت جو ڏينهن نہ ٻڌايان؟ ٻُڌي وٺ! منهنجي ضرورت جو ڏينهن تہ اهو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن مون کي قبر جي کڏ ۾ اڪيلو رکيو ويندو، باقي رهيو مال ان جا ٽي حصي دار آهن: {1} "تقدير" جيڪا مال وٺي وڃڻ ۾ ڪنهن جو لحاظ ناهي ڪندي {2} وارث جيڪي تنهنجي مرڻ جي انتظار ۾ هوندا آهن جو ڪڏهن تون مرين ۽ اهي تنهنجي مال تي قبضو ڪري ڇڏين {3} ٽيو حصي دار تون پاڻ آهين (جڏهن تقدير ۽ وارث مال وٺڻ جي معاملي ۾ ڪا رعايت ناهن ڪندا تہ تون پنهنجو حصو وٺڻ ۾ پوئتي ڇو ٿو رهين؟ جيترو ٿي سگهي عمدي مان عمدو مال راهِ خدا ۾ ڏئي پنهنجي آخرت جي لاءِ جمع ڪري وٺ) هي فرمائي پاڻ چوٿين سيپاري جي شروع واري آيت تلاوت ڪئي:

لَنۡ تَنَالُوا الۡبِرَّ حَتّٰى تُنۡفِقُوۡا مِمَّا تُحِبُّوۡنَ ؕ (پ 4، آل عمران آيت 92)

ترجمو ڪنزالايمان: اوهان ايستائين ڇڱائي کي هر گز نہ پهچندؤ جيسين پنهنجي پياري شيءِ (راهہ خدا ۾) خرچ نہ ڪندؤ

۽ فرمايو انهيءَ ڪري جيڪو مال مون کي وڌيڪ پسند هوندو آهي ان کي راهِ خدا ۾ خرچ ڪري پنهنجي آخرت جي لاءِ ذخيرو ڪندو آهيان . (تفسير دُر مَنثور ج 2 ص 261)

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب!   صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڪاش! اسان کي بہ سيِّدُنا ابوذَر غِفاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ايثار جي جذبي جي سمنڊ جو ڪو اڌ ڦُڙو ئي نصيب ٿئي! افسوس صد ڪروڙ افسوس! پنهنجي پسند جي شيء راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جڻ اسان جي ڊڪشنري ۾ ئي ناهي! بس هر وقت مفت مال ۾ دل ڦاٿل هوندي آهي، بالخصوص جيڪو وڌيڪ ثواب جو ڪم هجي ان ۾ خرچ ڪرڻ جي لاءِ نفس قطعاً اجازت ناهي ڏيندو، مثلاً قرآن ڪريم يا ديني ڪتاب وغيره خريد ڪري پڙهڻ جيتوڻيڪ وڌيڪ ثواب جو باعث آهي پر دل چاهيندي آهي تہ چندي يا تحفي ۾ ملي وڃي تہ سٺو، سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ پنهنجي پئسن سان خرچ ڪرڻ جو ثواب وڌيڪ آهي پر اسان جي نفس جو بُرو ٿئي جو هي بد بخت ذهن ناهيندو آهي جو ڪو ٻيو خرچ ڪري تہ ئي سفر ڪجان، بلڪ جيڪي ڏينهن قافلي ۾ سفر ڪيون ان جي اُجرت بہ ملڻ گهرجي . هاءِ! هاءِ! انهيءَ حرص ڀري انداز سان ربِّ بي نياز جَلَّ جلالہٗ کي ڪئين راضي ڪري سگهجي ٿو .

سَرور ديں! ليجے اپنے ناتوانوں کی خبر
نفس و شيطاں سيِّدا! کب تک دباتے جائيں گے

## مال ڪان ٽي طرح جا فائدا ملندا آهن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻُڌو !ٻُڌو! اي مال جا متوالا ٻڌو! خاتَمُ المُرسَلين، رَحمةٌ للعٰلمين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي جمعہ جي ڏينهن ٻہ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.

آهي: ٻانهو چوندو آهي: منهنجو مال آهي! منهنجو مال آهي! ۽ ان ڪي ان مال مان ٽن طرح جو فائدو آهي: {1} جيڪو ڪائي فنا ڪري ڇڏيو يا {2} پائي پراڻو ڪري ڇڏيو يا {3} عطا ڪري آخرت جي لاءِ جمع ڪيو ۽ ان ڪان علاوہ وڃڻ وارو آهي جيڪو ٻين جي لاءِ ڇڏي ويندو. (صحيح مسلم ص 1582 حديث 2959)

## وارث جو مال

محبوبِ ربِّ ڪائنات، شهنشاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: توهان مان ڪير شخص اهڙو آهي جنهن کي پنهنجي وارث جو مال پنهنجي مال ڪان سٺو لڳي؟ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهڙو ڪير ٿي سگهي ٿو جنهن کي پنهنجي مال ڪان ٻين جو مال عزيز هجي؟ انهيءَ تي سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: پنهنجو مال اهو ئي آهي جيڪو (راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ خرچ ڪري) اڳيان موڪليو وڃي ۽ جيڪو باقي مال آهي اهو وارث جو مال آهي.
(بخاري ج 4 ص 230 حديث 6442)

## آخري پساهن ۾ بہ ايثار

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪاش! ڪو پنهنجي زندگي ۾ مال سان مسجد وغيرہ ٺهرائي ثوابِ جاريہ جي ترڪيب ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي! رهيو اولاد، تہ انهن ڪان ڪو مالدار شخص هي اميد رکي ٿو تہ اهي ثواب جاريہ جي ترڪيب ڪندا تہ شايد

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

ان جي سپ ڪان وڏي ڀُل ڇئبي، اڄڪلهہ وِرثي جي ورهاست ۾ جيڪا اولاد رتو ڇاڻ ڪان نٿي مُڙي تہ اها ڀلا خاڪ پنهنجي مرحوم پيءُ جي لاءِ راحت پهچائڻ جي ڪوشش ڪندي! ايثار جو ذهن ٻڌايو اهو ئي آخرت ۾ ڪم ايندو. ڏسو تہ سهي! اسان جا بُزرگانِ دين رحمہم اللہ المبین ثواب جي حِرص ۽ ايثار جي معاملي ۾ ڪيتري قدر اڳيان وڌل هئا جو حُجَّةُ الاسلام امام محمّد بن محمد غزالي علیہ رحمۃ اللہ الوالی "اِحياءُالعُلُوم" ۾ نقل ڪن ٿا: حضرت سيِّدُنا بِشر بن حارث رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ مرضُ الموت ۾ مبتلا هئا، ڪنهن اچي سوال ڪيو: پاڻ رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ پنهنجي قميص لاهي ڪري ان کي ڏئي ڇڏي، پنهنجي لاءِ اوڌر تي ڪپڙو حاصل ڪيو ۽ انهيءَ ۾ انتقال فرمايو . (احياءُالعلوم ج 3 ص 319) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

## سخاوت ۾ حيرت انگيز جلدي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اسان جو اَسلاف نيڪين جو ڪيڏو نہ حريص هوندو هو، جو مرضُ الموت ۾ بہ ثواب ڪمائڻ جو موقعو هٿ مان وڃڻ نہ ڏنو ۽ اهي حضرات ڪڏهن ڪڏهن نيڪين ۾ ايتري جلدي ڪندا هئا جو حيرت ٿيندي آهي جيئن منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين و ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 10 صفحي 84 تي فرمائن ٿا: سيِّدُنا و اِبنِ سيِّدُنا امام اِبنُ الامام،

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي.

ڪريم اِبنُ الڪِرام حضرت امام محمد باقِر رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہِ هڪ عمده قَبا (يعني عمده ڪوٽ، جُبو) ناهرائي . طهارت خاني ۾ تشريف وٺي ويا، اتي خيال آيو ان کي راهِ خدا ۾ ڏيو، فوراً خادم کي آواز ڏنو، ديوار جي ويجهو حاضر ٿيو، حضور جن قَبا لاهي ڏني تہ فلان محتاج کي ڏئي اچ . جڏهن ٻاهر آيا خادم عرض ڪيو: ايتري جلدي ڇا جي ڪري هئي؟ فرمايائون: ڪهڙي خبر ٻاهر ايندي ايندي نيّت ۾ فرق اچي وڃي . **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

## نيڪي ۾ جلدي ڪرڻ گهرجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اسان جا بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِين نيڪي ۾ ڪيتري قدر جلدي ڪندا هئا جو ائين نہ ٿئي جو قَلب مُنقَلِب ٿي وڃي (يعني دل جو ارادو بدلجي وڃي) ۽ نيڪي کان محروم ٿي وڃون، تنهنڪري جڏهن بہ نيڪي جو ذهن ٺهي فوراً ڪرڻ گهرجي . **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: نيڪي ۾ جلدي ڪيو. (سنن ابن ماجہ ج 2 ص 5 حديث 1081)

## چٺي پڙهڻ بغير درخواست منظور ڪري ورتي

افسوس! گهڻا ماڻهو اول تہ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ڏيندا ناهن، ڏيندا آهن تہ سوچي سمجهي، خوب تحقيق ڪري، ڌڪا کارائي روئاري، بي دلي سان ۽ اها بہ زڪوٰة جيڪو مال جو مَرُ آهي ۽ اها بہ تمام ٿوري مقدار ۾ ۽ وڏو احسان جتائي ڏيندا آهن! جڏهن

تہ ڏنو وڃي تہ زڪوٰة واري ڪي سوچڻ گھرجي تہ مُحسن مان نہ آهيان، احسان تہ ان جو آهي جنهن منهنجي زڪوٰة يعني منهنجي مال جو مرُ ڪٽي ٿو ـ ڪاش! ائين ٿئي جو غريبن کي ڳولي ڪري انهن جي خدمت ۾ حاضر ٿي نهايت احترام سان زڪوٰة پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي وڃي ـ اهڙن جي ترغيب جي لاءِ چار حڪايتون پيش خدمت آهن:

{1} **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مكتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب "ضياءِ صدقات" صفحي 209 تا 210 تي آهي: هڪ شخص حضرت سيِّدُنا امام حسن مجتبيٰ رضى الله تعالىٰ عنه جي بارگاهہ ۾ درخواست پيش ڪئي، پاڻ رضى الله تعالىٰ عنه هڪدم فرمايو: توهان جي حاجت پوري ڪئي ويندي ـ عرض ڪيو ويو: اي نواسہءِ رسول! اوهان هن جي چٺي تہ پڙهو ها ۽ پوءِ ان جي مطابق جواب ڏيو ها، پاڻ رضى الله تعالىٰ عنه فرمايو: اهو (ايتري دير تائين) منهنجي سامهون ذلت سان بيٺو رهي ها تہ پوءِ ان جي باري ۾ الله تعاليٰ مون کان پڇا ڪري ها ـ (احياءُالعلوم ج 3 ص 304) ـ **الله عزوجل جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

## دل دولت سان نہ ڀلائي سان خريد ڪري سگھجي ٿي

سُبحٰنَ الله عزوجل! راڪبِ دوشِ مصطفيٰ، سيِّدُ الاَسخِيا سيِّدُنا امام حسن مُجتَبيٰ رضى الله تعالىٰ عنه خوفِ الٰهي عزوجل کي پاڻ تي مُقدّم رکيو ۽ انهيءَ ۾ فلاح ۽ ڪاميابي آهي جو مال جي محبت الله

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنھن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

جي محبت تي غالب نہ اچڻ گهرجي . بيشڪ مال سان گهڻو ڪجھ خريد ڪري سگهجي ٿو پر دل خريد نہ ٿي ڪري سگهجي! جيئن {2} حضرت سيِّدُنا ابن سَمّاڪ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: مون کي ان شخص تي تَعَجُّب ٿيندو آهي جيڪو مال خرچ ڪري غلام تہ خريد ڪندو آهي پر نيڪي (۽ ڀلائي) جي ذريعي آزاد ماڻهن (جي دلين) کي خريد ناهي ڪندو . (احياءُ العلوم ج 3 ص 304)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

## سخي اهو ناهي جيڪو صرف گهرڻ تي ڏي

{3} حضرت سيِّدُنا امام زين العابدين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: جيڪو شخص گُهرڻ وارن کي (گهرڻ تي) ڏيندو آهي اهو سخي ناهي، سخي تہ اهو آهي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ڪرڻ وارن جي سلسلي ۾ الله تعاليٰ جا حق اَز خود پورا ڪندو آهي ۽ شڪريي جو لالچ بہ ناهي رکندو ڇو تہ اهو مڪمل ثواب جي حُصول جو يقين رکندو آهي . (ايضاً) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## دوست جي خبر چار نہ ڪرڻ تي افسوس

{4} هڪ شخص پنهنجي دوست جي گهر جو دروازو کڙڪايو . ان پڇا ڪئي: ڪيئن اچڻ ٿيو؟ چيائين: مون تي چار سؤ درهم قرض آهي . گهر جي مالڪ چار سؤ درهم ان جي حوالي ڪيا ۽ روئيندو واپس آيو، گهرواريءَ چيو: جيڪڏهن اوهان کي اهي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

درهم ڏيڻ ڏکيا لڳا ته نه ڏيو هئا، ان جواب ڏنائين: مان ته انهيءَ لاءِ روئان پيو جو مون کي ان جو حال ان جي ٻڌائڻ بغير معلوم ٿي نه سگهيو ايستائين جو اهو (ويچارو) منهنجو در کڙڪائڻ تي مجبور ٿيو. (احياءُالعلوم ج 3 ص 311)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خبر پئي ته ڪمال هي ناهي جو ضرورت مند دوست گهرڻ اچي ته اسان ان کي ڏئي ڇڏيون، ڪمال ته هي آهي ان جي مالي ڪمزورين تي اسان جي نظر هجي ۽ ان ڪان پهرين جو هو شرم ۽ لڄ سان اسان کي پنهنجو حال ٻڌائي، اسان پاڻ وڃي ان جي مدد ڪيون.

ہمیں اپنے فضل و کرم سے تُو کر دے
سخاوت کی نعمت عطا یا الٰہی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نرالي مهمان نوازي

"**خَزائِنِ العِرفان**" ۾ آهي: بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ هڪ ڀيري هڪ بکايل شخص حاضر ٿيو، سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀني اُمَّهاتُ المُؤمِنين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُنَّ جي گهرن مان معلوم ڪرايو ته ڪجهه کائڻ جي شيءِ ملي وڃي پر ڪنهن وٽ به کائڻ جي شيءِ نه هئي. شاهِ خيرُالاَنام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابه ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان سان فرمايو: "جيڪو شخص ان کي مهمان بڻائي الله عَزَّوَجَلَّ ان تي رحمت فرمائيندو." حضرت سيِّدُنا ابوطلحه انصاري

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏِينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

رضی اللہ تعالٰی عنہ بيهي رهيا ۽ مهمان کي پنهنجي گهر وٺي ويا، گهر وڃي پنهنجي ٻارن جي ماءُ کان پڇا ڪئي: گهر ۾ ڪجهه کاڌو آهي؟ انهن چيو: صرف ٻارن جي لاءِ ڪجهه رکيل آهي، حضرت سيِّدُنا ابو طلحه رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمايو: انهن کي وندرائي ڪري سمهاري ڇڏ، ۽ جڏهن مهمان کائڻ لاءِ ويهي ته ڏيئو درست ڪرڻ جي بهاني اُٿي ڪري ڏيئي کي وسائي ڇڏجان ته جيئن مهمان سٺي طرح کائي سگهي. هي ترڪيب ان ڪري ڪئي ته جيئن مهمان هي نه ڄاڻي سگهي ته گهروارا گڏ نه کائي رهيا آهن نه ته اِصرار ڪندو ۽ کاڌو ٿورو آهي، سو مهمان بکايل رهجي ويندو، ائين حضرت سيِّدُنا ابوطلحه رضی اللہ تعالٰی عنہ مهمان کي کاڌو کارايو ۽ پاڻ گهروارا بکايل رهي رات گذاري، جڏهن صبح ٿيو ۽ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ته الله عزوجل جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ العُيُوب صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم حضرت سيِّدُنا ابوطلحه رضی اللہ تعالٰی عنہ کي ڏسي فرمايو: رات فلان فلان جي گهر عجيب معاملو پيش آيو. الله عزوجل انهن سان گهڻو راضي آهي ۽ سُورَةُ الْحَشْر جي هي آيت نازل ٿي:

وَيُؤْثِرُوْنَ عَلٰۤى اَنْفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ ۗ۫ وَ مَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓىٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۚ﴿۹﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ پنهنجي پاڻ تي انهن کي ترجيح ڏين ٿا جيتوڻيڪ انهن کي سخت محتاجي هجي جيڪو پنهنجي نفس جي لالچ کان بچايو ويو پوءِ اهي ئي ڪامياب آهن. (پ 28 الحشر آيت 9)

**الله عزوجل جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

## آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻي ڏينهن لاءِ کاڌو نہ بچائيندا هئا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن مدني حڪايت تي غور ڪرڻ سان عبرت جا بي شمار مدني گل ملن ٿا: مثلاً شهنشاهِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ايتري تہ سادگي ۾ زندگي گذاريندا هئا جو ڪنهن بہ اُمُّ المُؤمِنِين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي گهر مان رات جو کاڌو نہ مليو، اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي توڪُّل جو هي عالم هو جو پاڻ ٻي ڏينهن جي لاءِ کاڌو بچائي نہ رکندا هئا. اُمُّ المؤمنين سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون: اسان ڪڏهن بہ مسلسل ٽن ڏينهن تائين پيٽ ڀري کاڌو نہ کاڌو، حالانڪ ڪائي سگهندا هئاسين پر (کائڻ جي بدران) ايثار ڪندا هئاسين.
(الترغيب والترهيب ج 4 ص 92 حديث 86)

## ٻار جي روزي جو اهم ترين مسئلو

بيان ڪيل حڪايت ۾ ٻارن جي لاءِ رکيل ٿوري کاڌي کي ٻارن جي بدران مهمان کي کارائڻ جي باري ۾ مُحَقّق علَي الاِطلاق، خاتِمُ المُحَدِّثِين حضرت علامہ شيخ عبدالحق مُحَدِّثِ دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ القوي فرمائن ٿا: علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام هن معاملي کي هن تي مَحمول ڪيو (يعني مراد هي) آهي تہ ٻار بکايل نہ هئا بلڪ بنا بُک جي گهري رهيا هئا جيئن ٻارن جي عادت هوندي آهي، نہ تہ جيڪڏهن اهي بُکايل هجن هئا تہ مهمان کان پهرين ٻارن کي کارائڻ واجب هو ۽ اهي واجب ڪيئن ترڪ ڪن هئا. (ڇوتہ واجب جو تارڪ گناهگار هوندو آهي) حالانڪ الله عَزَّوَجَلَّ ابو طلحہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

۽ ان جي گهرواريءَ جي تعريف (يعني واکاڻ) فرمائي آهي . هن حديث جي شرح کان معلوم ٿيو ته ٻار کي بک لڳڻ جي صورت ۾ انهن کي کاڌو کارائڻ ماءُ ۽ پيءُ تي واجب ٿي ويندو آهي. هتي هڪ مسئلو قابلِ تَوَجُّه آهي ۽ اهو هي ته ننڍي ٻار کي رَمضانُ المُبَارَڪ ۾ روزو رکائڻ جيتوڻيڪ جائز آهي پر اهي بک سبب کاڌو گهرن ته ماءُ پيءُ جي لاءِ ان کي کاڌو کارائڻ واجب ٿي ويندو چاهي اهو ان جي زندگي جو پهريون روزو هجي جيڪڏهن بنا شرعي اجازت جي نه کارايو ته گنهگار ۽ جهنم جا حقدار ٿي ويندا .

هو مہمان نوازی کا جذبہ عنایت
ہو پاسِ شریعت عطا یا الٰہی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## احُد جبل جيترو سون هجي تڏهن به .....

حضرت سيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، سرڪار عالم مدار، سخين جا سردار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ سخاوت آثار آهي: جيڪڏهن مون وٽ اُحُد (جبل) جيترو سون هجي ته به مون کي اهو پسند ايندو آهي ته ٽي راتون به نه گذرن جو ان مان مون وٽ ڪجهه رهجي وڃي، ها جيڪڏهن مون تي دَين (يعني قرض) هجي ته ان جي لاءِ ڪجهه رکندس .

(صحيح بخاري ج 4 ص 483 حديث 7228)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

## سنتن جو پرچار ڪرڻ وارؤ!

سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جو دم ڀرڻ وارؤ! ۽ سنتن جو پرچار ڪرڻ وارؤ! ڏنو توهان؟ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ اُحُد جبل جيترو سون هجي ته ان کي ٻه پاڻ وٽ رکڻ جي لاءِ تيار ناهن، ۽ هڪ اسان آهيون جو عشقِ رسول جي دعوي باوجود مال جمع ڪرڻ جي فڪر کان ڇوٽڪارو نٿا حاصل ڪيون . افسوس! حلال ۽ حرام جي تميز ٻه ختم ٿيندي پئي وڃي، اسان جون اسلامي ڀينرون ٻه خوب سون گڏ ڪرڻ جون شوقين هونديون آهن، سڄو سون ۽ مال لٽائڻ ته هڪ پاسي رهيو صرف پنهنجي سون جي زڪوٰة ادا ڪرڻ لاءِ ڪجھ عورتون تيار نه هونديون آهن! نفس ۽ شيطان جي دوکي ۾ اچي اهو چوندي ٻڌيون ويون آهن جو اسان ڪمائيندڙيون نه آهيون، زڪوٰة ته اهي ادا ڪن جيڪي ڪمائن ٿا! جڏهن ته ائين ناهي، جيڪڏهن سون جي زيور وغيره ڪنهن وٽ هجن ۽ زڪوٰة جا شرط پايا وڃن ته زڪوٰة فرض ٿي ويندي آهي . سون (Gold) سان پيار ڪرڻ ۾ حد کان وڌندڙ هڪ عبرت ناڪ حديث پاڪ ٻڌن ۽ خوف خدا کان ڏڄن ۽ اڄ تائين گذريل زندگي ۾ جيتري زڪوٰة ذمي تي آهي حساب ڪري جلد ئي سموري ادا ڪيو ۽ بنا اجازت شرعي ٿيڻ واري تاخير جي ڪري توبه ٻه ڪيو .

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

## ٻانهن جا ڪنگڻ

نبيِّ اَڪرم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربارِ گوهر بار ۾ ٻه عورتون حاضر ٿيون، انهن جي هٿن ۾ سون جا ڪنگڻ هئا، سرڪار مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کان پڇا ڪئي: توهان هن جي زڪوٰة ڏينديون آهيو، اهي چوڻ لڳيون: نه، ته فرمايائون: ڇا توهان پسند ڪيو ٿيون ته الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي ٻانهن جا ڪنگڻ پارائي؟ اهي چوڻ لڳيون نه، فرمايائون: ان جي زڪوٰة ڏينديون ڪيو. (ترمذي ج 2 ص 132 حديث 637)

زڪوٰة جي تفصيلي معلومات جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 149 صفحن تي مشتمل ڪتاب "فيضانِ زڪواة" جو مطالعو نهايت فائديمند آهي.

## بيبي فاطمه جو ايثار

راڪبِ دوشِ مصطفيٰ، سيِّدُ الاَسۡخِياء سيِّدُنا امام حسن مُجۡتَبيٰ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن هڪ وقت جي فاقي کان پوءِ اسان وٽ ڪاڏي جي ترڪيب بڻي، منهنجا بابا جان، مولیٰ مشڪل ڪشا، عليُّ المُرتَضيٰ شير خدا ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجۡهَهُ الۡکَرِيۡم ۽ منهنجا ننڍا ڀاءَ حضرت امام حسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کائڻ کان فارغ ٿي چڪا هئا، پر امان سائڻ سيِّدَةُ النِّسا فاطِمَةُ الزَّهرا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جن اجا تائين نه کاڌو هو، انهن جيئن ماني ڏانهن هٿ وڌايو ته در تي هڪ سائل (يعني فقير) صدا ڏني: اي بنتِ رسول الله! مان ٻن وقتن جو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

بکايل آهيان منهنجو پيٽ پري ڇڏيو . امان سائڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا فوراً کاڌي کان هٿ روڪي ورتو ۽ مون کي حڪم ڏنو تہ وڃ! هي کاڌو سائل کي پيش ڪر، مون کي تہ هڪ وقت جو فاقو آهي ۽ هن ٻن وقت کان کاڌو ناهي کاڌو . **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بھوکے رہ کے خود اوروں کو کھلا دیتے تھے
کیسے صابر تھے محمد کے گھرانے والے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪارائڻ پيئارڻ جو عظيم الشان ثواب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! سيِّده خاتونِ جنت رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا فاقي جي باوجود پنهنجي کاڌي جو ايثار فرمائي ڇڏيو! افسوس! اهل بيتِ نُبُوَّت جي محبت جو دم ڀرڻ جي باوجود اسان پنهنجي ضرورت جو تہ پري جي ڳالهہ آهي پر بچيل کاڌو بہ ڪنهن کي پيش ڪرڻ جي بدران آئنده جي لاءِ فريج ۾ رکي ڇڏيندا آهيون . يقين ڪيو! بکايل کي کاڌو کارائڻ ۽ اُڃايل کي پاڻي پيئارڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي هن باري ۾ بہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظہ فرمايو: {1} جيڪو مسلمان ڪنهن مسلمان کي بک ۾ کاڌو کارائي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي قيامت جي ڏينهن جنتي ميوا کارائيندو ۽ جيڪو ڪنهن اُڃايل مسلمان کي پاڻي پياريندو تہ اللّٰه تعاليٰ قيامت جي ڏينهن مُهر واري پاڪ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم: مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

۽ صاف شراب پيئاريندو ۽ جيڪو مسلمان ڪنهن بي لباس مسلمان کي ڪپڙو پارائي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جنت جا سبز ڪپڙا پارائيندو. (ترمذي ج 4 ص 204 حديث 2457) {2} جيڪو ڪنهن مسلمان کي بک ۾ کاڌو کارائي ڪري ڍؤ ڪرائي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جنت ۾ ان دروازي مان داخل فرمائيندو جنهن ۾ ان جهڙا ماڻهو ئي داخل ٿيندا . (المعجم الڪبير للطبراني ج 20 ص 85 حديث 162)

کھلانے پلانے کی توفیق دیدے
پئے شاہِ کرب و بلا یا الٰہی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## انوکو دسترخوان

حضرت سيِّدُنا شيخ ابوالحسن اَنطاڪي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ البَاقِي وٽ هڪ ڀيري تمام گهڻا مهمان تشريف ڪٺي آيا . رات جو جڏهن ڪائڻ جو وقت ٿيو ته مانيون گهٽ هيون، تنهنڪري مانين جا ٽڪرا ڪري دسترخوان تي رکيا ويا ۽ اتان ڪان ڏيئو ڪنيو ويو، سڀ جا سڀ مهمان اونڌاهي ۾ دسترخوان تي ويهي رهيا، جڏهن ڪجهہ دير ڪان پوءِ هي سوچي ڪري ته سيني کائي ورتو هوندو ڏيئو آندو ويو ته سيئي ٽڪرا ائين جو ائين موجود هئا، ايثار جي جذبي خاطر هڪ گرهہ بہ ڪنهن نہ کاڌو ڇوته هر هڪ جي اها مدني سوچ هئي ته مان نہ کانوان ته جيئن پاسي واري اسلامي ڀاءَ جو پيٽ ڀرجي وڃي . (اتحاف السادة للزبيدي ج 9 ص 783)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

## پنهنجي ضرورت جي شيءِ ڏيڻ جي فضيلت

الله! الله! اسان جي اَسلاف جي ايثار جو جذبو ڪيترو نه حيرت انگيز هو ۽ آهه! اڄ اسان جي حِرص ۽ لالچ جو جذبو جو جڏهن ڪنهن دعوت ۾ هجون ۽ ڪاڏو شروع ڪيو وڃي ته "ڪاوان ڪاوان" ڪندي ڪاڏي تي ائين ڪري پوندا آهيون جو ڪائڻ ۽ چٻائڻ وساري "ڳرڪائڻ ۽ پيٽ ڀرڻ" شروع ڪندا آهيون جو ڪٿي ائين نه ٿئي جو اسان جو ڪو ٻيو اسلامي ڀاءُ ڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ۽ اسان رهجي وڃون! اسان جي حِرص جي ڪيفيت ڪجهه ائين هوندي آهي جو جيڪڏهن اسان جو وس هلي ته شايد ٻي جي وات جو گرهه به کسي ڳهي ڇڏيون! ڪاش! اسان به "ايثار" ڪرڻ سکون. ٻنهي جهانن جي سلطان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان بخشش نشان آهي: جيڪو شخص ڪنهن شيءِ جي خواهش رکندو هجي، پوءِ ان خواهش کي روڪي پاڻ تي (ڪنهن ٻئي کي) ترجيح ڏئي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي. (اتحاف السادة للزبيدي ج 9 ص 779)

ہمیں بھوکا رہنے کا اوروں کی خاطر
عطا کر دے جذبہ عطا یا الٰہی

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ايثار جو ثواب مفت حاصل ڪرڻ جو نسخو

ڪاش! اسان کي به ايثار جو جذبو نصيب ٿئي، جيڪڏهن خرچ ڪرڻ جي دل نه چاهي ته بنا خرچ جي ايثار جا ڪئي موقعا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

ملي سگهن ٿا. مثلاً ڪٿي دعوت تي پهتاسون، سيني جي لاءِ ڪاڏو لڳايو ويو ته اسان سنيون بوٽيون وغيره هن نيت سان نه ڪڍون جو اسان جو ٻيو ڀاءُ کائي وٺي، گرمي آهي ڪمري جي اندر يا سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ مسجد جي اندر وڏيڪ اسلامي ڀائر سمهڻ چاهن ٿا، پاڻ پکي هيٺ قبضو ڪرڻ بدران ڪنهن ٻي اسلامي ڀاءُ کي موقعو ڏئي ثواب ڪمائي سگهو ٿا، اهڙي طرح بس يا ريل ۾ رش جي صورت ۾ ٻي اسلامي ڀاءُ کي منٿ ڪري پنهنجي سيٽ تي ويهاري ۽ پاڻ بيهي ڪري، ڪار ۾ سفر جو موقعو ملڻ باوجود ٻي اسلامي ڀاءُ جي لاءِ قرباني ڏئي ان کي ڪار ۾ ويهاري ۽ پاڻ پيدل يا بس وغيره ۾ سفر ڪري، سنتن ڀريي اجتماع ۾ آرام ده جڳهه ملي ته ٻي اسلامي ڀاءُ لاءِ جڳهه ڪشادي ڪري يا ان کي اها جڳهه پيش ڪري، ڪاڏو گهٽ هجي ۽ کائڻ وارا وڌيڪ هجن ته پاڻ گهٽ کائي يا بلڪل نه کائي ۽ اهڙن بيشمار موقعن تي پنهنجي نفس کي ٿوري تڪليف ڏئي مفت ۾ ايثار جو ثواب ڪمائي سگهجي ٿو.

## ايثار جو ثواب بي حساب جنت

حُجَّةُ الاسلام حضرت سيِّدُنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ الوَالِى اِحياءُ العُلُوم ۾ نقل ڪن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سيِّدُنا موسيٰ ڪليمُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي فرمايو: اي موسيٰ (عَلَيْهِ السَّلَام) !

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ وآلہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

ڪو شخص اهڙو ناهي جو اهو سڄي عمر ۾ چاهي هڪ ڀيري ايثار ڪري ۽ مان قيامت جي ڏينهن ان کان حساب طلب ڪندي حيا نہ فرمايان! ان جو مقام جنت آهي، اهو جتي چاهي رهي . (احياءُ العلوم ج 3 ص 318)

## جڏهن جنت جي دعا ڏيان ٿو تہ مالي ايثار کان ڪيئن مُڙان!

حضرت سيِّدُنا سُفيان بن عُيَيْنَہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان پڇيو ويو تہ سخاوت ڇا کي چوندا آهن؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو: ڀائرن سان ڀلائي جو سلوڪ ڪرڻ ۽ مال عطا ڪرڻ سخاوت آهي . وڌيڪ فرمايو: منهنجي والد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي وِراثت ۾ پنجاهہ هزار درهم مليا تہ انهن ٿيلهيون ڀري ڀري پنهنجي ڀائرن ۾ ورهائي ڇڏيون ۽ فرمايائون: جڏهن مان نماز ۾ الله تعاليٰ سان پنهنجي ڀائرن جي لاءِ (سڀ کان عظيم دولت) جنت جو سوال ڪندو هئس تہ هاڻي (فاني دنيا جي حقير) مال مان انهن لاءِ بُخل ڇو ڪيان؟(احياءُ العلوم ج 3 ص 305) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

سخاوت کی خصلت عنایت ہو یارب!
دے جذبہ بھی ایثار کا یا الٰہی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ٻڪري جي مُنڊي

ڪنهن صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ تحفي طور هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي گهر ٻڪري جي مُنڊي موڪلي تہ انهن هي فرمائي ڪري تہ منهنجو فلان اسلامي ڀاءُ هن منڊي جو مون کان وڌيڪ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي جمعہ جي ڏينهن ٻہ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.

ضرورت مند آهي، اها منڊي ان جي گهر موڪلي ڇڏي تہ انهن چيو تہ فلاڻو مون ڪان وڌيڪ حاجت مند آهي ۽ ائين اها منڊي ان صحابي جي گهر موڪلي ڇڏي ـ ائين هڪ ٻي ڏانهن ۽ ٻي ٽئي جي گهر ان منڊي کي موڪليو، ايستائين جو اها ٻڪري جي منڊي ستن گهرن مان گهمندي وري پهرين صحابي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي گهر پهچي وئي ـ (المستدرڪ للحاڪم ج 3 ص 229 حديث 3852) **اللہ** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

## قطب مدينہ ايثار ڪرڻ واري تاجر جي حڪايت بيان فرمائي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! غُربت ۽ مسڪيني جي باوجود اسان جي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي اندر ڪيڏو نہ ايثار جو جذبو هو جو هر هڪ پنهنجي پاڻ تي ٻين کي ترجيح ڏيندا هئا ۽ آه! اڄ حالتون بلڪل ان جي اُبتڙ آهن گهڻا ماڻهو تہ پنهنجي ڀاءَ جو ڳلو ڪپڻ ۾ مصروف آهن ـ منهنجا پيرو مرشد سيّدي قطبِ مدينہ حضرت مولانا ضياءُ الدين عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْمُبِين تُرڪن جي ”دور خدمت“ کان مديني منور زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْماً ۾ رهائش پذير ٿي ويا هئا، پاڻ جن جو وصال 3 ذُوالحِجّةِ الحرام 1401 سن هجري ۾ مديني منور زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْماً ۾ ٿيو ۽ جنتُ البقيع ۾ دفن ڪيا ويا ـ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت با برڪت ۾ ڪنهن عرض ڪيو: حضور! جڏهن اوهان شروع ۾ مديني منور زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْماً ۾ آيا هئا ان وقت جا مسلمان ڪئين هئا؟ فرمايائون: هڪ مالدار شخص گهٽي مقدار ۾ مديني منور زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْماً جي غريبن ۾ ڪپڙو

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ان جفا ڪئي.

ورهائڻ چاهيو ٿي، لهٰذا انهيءَ غرض سان هڪ ڪپڙي جي دڪاندار کي چيائين ته مون کي فلاڻي ڪپڙي جا ايترا ٿان گهرجن ٿا. دڪاندار چيائين: ”اوهان جي گهرج وارو ڪپڙو موجود آهي، پر مهرباني ڪري اوهان سامهون واري دڪان تان خريد ڪريو ڇو ته اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ منهنجو وڪرو سٺو ٿيو آهي پر ان ويچاري جو وڪرو گهٽ ٿيو آهي، فرمايائون: پهرين جا مسلمان اهڙي اِخلاص ۽ ايثار جا مالڪ هئا ۽ اڄ جي مسلمانن کي ته توهان ڏسي ئي رهيا آهيو جو انهن جي اڪثريت کهڙي نموني مال گڏ ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي جو ڳلو ڪپڻ ۾ مشغول آهي.
**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

## انوکو ڌاڙيل

چيو ويندو آهي پهرين مديني واري واٽ جا قَطّاعُ الطَّرِيق يعني ڌاڙيل به عجيب هوندا هئا جڏهن ڌاڙيلن جو ٽولو حاجين جو قافلو لٽيندو هو ته حاجي ان کي سلام ڪندا هئا ته ڌاڙيل سلام جو جواب نه ڏيندا هئا جيڪڏهن اهي سلام جي جواب ۾ وعَلَيْكم السَّلام چئي ڇڏيائون ته انهن کان ڦُر نه ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن ڦُر ڪرڻ کان پوءِ سلام جو جواب ڏيندا هئا ته مال موٽائي ڏيندا هئا، ڇو ته ڌاڙيل اَلسَّلام عَلَيكم (يعني توهان تي سلامتي هجي) ۽ وَعَلَيْكم السَّلام (۽ يعني توهان تي سلامتي هجي) خوب سمجهندا هئا يعني انهن جو ذهن هي هوندو هو جنهن کي پنهنجي زبان سان سلامتي جي

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه وآله وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي.

دعا ڏني هاڻي ان کان ڪيئن ڦر ڪيون!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! هتي هرگز هي مراد ناهي ته سلام جو جواب نه ڏيڻ سان ڏاڙيلن لاءِ مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ ڏاڙو هڻڻ جائز ٿي ويندو هو، بس اسان کي سبق حاصل ڪرڻ گهرجي ته اسان جنهن کي سلام ڪيون ته اسان ان جي باري ۾ هي تصور ڪيون ته اسان ان کي پنهنجي ذات کان پهچڻ واري هر قسم جي شر کان ”سلامت “ قرار ڏنو آهي . جيڪڏهن ائين ٿي وڃي ته واقعي اسان جو معاشرو مدني معاشرو بڻجي وڃي . مسلمان کي سلام ڪندي وقت جي نيت به ذهن نشين فرمايو، جيئن **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مڪتبةالمدينه** جي شايع ٿيل رسالي ”101 مدنی پھول“ صفحي 2 تي آهي: بهار شريعت حصي 16 صفحي 102 تي لکيل مسئلي جو خلاصو آهي: سلام ڪندي وقت دل ۾ هي نيّت هجي ته جنهن کي سلام ڪرڻ لڳو آهيان ان جو مال، عزت ۽ آبرو سڀ ڪجھ منهنجي حفاظت ۾ آهي ۽ مان ان مان ڪنهن شيءِ ۾ دخل اندازي کي حرام سمجهان ٿو .

(بهار شريعت حصو 16 ص 102)

اے مدینے کے تاجدار سلام — اے غریبوں کے غمگسار سلام

اُس جوابِ سلام کے صدقے — تا قِیامت ہوں بے شمار سلام

وہ سلامت رہا قِیامت میں

پڑھ لئے جس نے دل سے چار سلام

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

## پنهنجو ڪاڏو ڪتي تي ايثار ڪري ڇڏيائون!

حُجَّةُ الاسلام امام محمد بن محمد غزالي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الوَالِی "اِحياءُ العُلُوم" جلد 3 ۾ فرمائن ٿا: منقول آهي حضرت سيِّدُنا عبدالله بن جعفر عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الاَکبَر پنهنجي ڪنهن زمين کي ڏسڻ لاءِ نڪتا ۽ واٽ تي ڪنهن باغ ۾ ترسيا، اتي هڪ غلام کي ڪم ڪندي ڏٺائون، جڏهن ان وٽ ڪاڏو آيو ته ڪتان هڪ ڪتو به اچي پهتو، غلام هڪ هڪ ڪري ٽئي مانيون ان جي سامهون رکيون، اهو ڪائي ويو، سيِّدُنا عبدالله بن جعفر عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الاَکبَر غلام کان پڇا ڪئي: اوهان کي ڏينهن ۾ ڪيترو ڪاڏو ملندو آهي؟ عرض ڪيائين: اهو ئي جيڪو اوهان ڏٺو. پڇا ڪيائون: اهو سڀ ته اوهان ڪتي تي ايثار ڪري ڇڏيو! عرض ڪيائين: هن علائقي ۾ ڪتا نه هوندا آهن هي پري کان هت نڪتو آهي، غريب بکايل هو، مون کي نه پسند آيو ته مان ڍؤ ڪري کاوان، ۽ هي ويچارو بي زبان جانور بکايل رهي، فرمايائون: اوهان اڄ ڇا ڪائيندؤ؟ عرض ڪيائين: بکايل رهندس: حضرت سيِّدُنا عبدالله بن جعفر عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الاَکبَر هن غلام جي ايثار کان تمام گهڻا متاثر ٿيا، ۽ باغ جي مالڪ کان اهو باغ، غلام ۽ باقي سامان وغيره خريد ڪيائون، غلام کي آزاد ڪري اهو باغ وغيره سڀ ڪجھ ان کي بخشي ڇڏيائون . (احياءُ العلوم ج 3 ص 318)

## ڪتي جي ايثار جي عجيب حڪايت

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! خوش نصيب غلام جو ايثار صد ڪروڙ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالىٰ عليه واٰله وسلَّم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

مرحبا! ان ڪي ايثار جو دنيا ۾ بہ ڪيتري قدر عمدو صِلو مليو جو گهڙي ڪن ۾ غلام آزاد ٿي باغ جو مالڪ بڻجي ويو، خير اهو تہ انسان هو، هڪ ڪتي جي ايثار جي عجيب حڪايت ملاحظہ فرمايو جيئن ڪجھ صوفياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السّلام فرمائن ٿا: اسان "طرسوس" مان جهاد لاءِ روانا ٿياسين، شهر مان هڪ ڪتو بہ پويان هلڻ لڳو، جڏهن شهر جي دروازي کان ٻاهر نڪتاسين تہ اُتي هڪ مري ويل جانور پيو هو، اسان هڪ بلند جڳھ تي ويناسين، اهو ڪتو شهر ڏانهن هليو ويو، ڪجھ دير کان پوءِ واپس آيو تہ اڪيلو نہ هو، ان سان گڏ تقريباً 20 ڪتا ٻيا بہ هئا، ايندي سيئي مُردار تي اچي پيا، پر اهو ڪتو پري ٿي ويهي رهيو ۽ ڏسندو رهيو، جڏهن اهي کائي هليا ويا! اهو ڪتو اُٿيو ۽ بچيل هڏيون کائڻ لڳو، پوءِ اهو بہ واپس هليو ويو. (ايضاً ص 319)

## ساهہ نڪرڻ مهل بہ ايثار!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪتي جي ايثار جي حڪايت ۾ اسان لاءِ عبرت جا بي شمار مدني گل آهن، جڏهن ڪتو اسان کي نيڪي جي دعوت ڏيندي زبان حال سان چئي رهيو آهي تہ مان ڪتو ٿي ڪري بہ ايثار جو جذبو رکان ٿو، مون کي بيڪار سمجهي ڌڪارڻ وارؤ! توهان تہ ڪجھ ايثار ڪري ڏيکاريو، افسوس اسان جي حالت گهڻي خراب ٿي وئي آهي نہ تہ اسان جا اسلاف اهڙا نہ هئا، اهي تہ دنيا مان ويندي ويندي بہ ايثار جا نقش ڇڏي

ويندا هئا جيئن حضرت سيِّدُنا حُذيفه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: يَرموڪ جي جنگ ۾ ڪئي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان شهيد ٿي ويا، مان پاڻي هٿ ۾ ڪٽي زخمين ۾ پنهنجي چاچي جي پٽ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي ڳولي رهيو هئس، آخر ان کي ڳولي ورتو، اهي آخري پساهه ۾ هئا مون پڇا ڪئي: اي ابن عم! يعني اي چاچي جا پٽ! اوهان پاڻي پيئندؤ؟ ڏکندڙ آواز ۾ چيو: جي ها، ايتري ۾ ڪنهن جو تڪليف سبب آواز نڪتو، چاچي جي پٽ اشاري سان فرمايو: پهرين ان زخمي کي پاڻي پيئاريو . مون ڏٺو اهي حضرت هشام بن عاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ هئا، انهن جو ساهه ٽٽي رهيو هو، مان پاڻي جي پڇا ڪري ئي رهيو هئس تہ ويجهي ڪان ڪنهن سرد آه ڀري، حضرت هشام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن فرمايائون: پهريان هن کي پيئاريو، مان جڏهن انهي زخمي جي ويجهو پهتس تہ انهن کي منهنجي پاڻي پيئڻ جي حاجت نہ رهي ڇوتہ اهي شهادت جو جام پي چڪا هئا، مان فوراً حضرت هشام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڏانهن موٽي آيس، پر اهي بہ شهيد ٿي چڪا هئا، پوءِ مان پنهنجي چاچي جي پٽ ڏانهن پهتس تہ اهي بہ شهادت ماڻي چڪا هئا . رَضِیَ اللهُ عَنْهُم اَجْمَعِين (ڪيمياءِ سعادت ج 2 ص 648) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان اسان جي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي ايثار جو جذبو! الله! الله! ساهه نڙي ۾ آهي پر هر

هڪ جي اها خواهش آهي ته مون کي پاڻي ملي يا نه ملي بس منهنجو اسلامي ڀاءُ ڊؤ ڪري ۽ ائين هڪ ٻئي تي پاڻي جو ايثار ڪندي ٽئي پاڻي جي بدلي شهادت جو جام نوش فرمايائون.

## پاڻي جو ايثار ڪرڻ وارو جنتي ٿي ويو

**دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مكتبة المدينه** جي شايع ٿيل 404 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**ضياءِ صدقات**" صفحي 260 تي آهي: حضرت سيِّدُنا اَنس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مَروي آهي آقاءِ مظلوم، سرورِ مَعصوم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ٻه شخص ريگستان مان گذري رهيا هئا، ان مان هڪ عبادت گذار، جڏهن ته ٻيو گنهگار هو، عابد (يعني عبادت ڪندڙ) کي اُڃ لڳي ايستائين جو اُڃ جي شدت سبب ڪري پيو ته ان جي ساٿي ان کي ڏٺو ته اهو بيهوشي جي حالت ۾ آهي، سوچيائين جيڪڏهن هي نيڪ ٻانهو مري ويو ۽ جڏهن ته مون وٽ پاڻي به آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان مان ڪڏهن به ڀلائي حاصل نه ڪري سگهندس ۽ جيڪڏهن هن کي پاڻي پيئاريو ته مان مري ويندس، بهرحال ان الله عَزَّوَجَلَّ تي ڀروسو ڪيو ۽ (ان عابد جي مدد ڪرڻ جو) ارادو ڪيو ڪجهه پاڻي هن تي ڇنڊيائين باقي ان کي پيئاريو ته اهو بيهي رهيو ۽ (ٻنهي) ريگستان پار ڪري ورتو. (مرڻ کان پوءِ جڏهن) گنهگار جو حساب ٿيندو ته ان کي جهنم جو حڪم ٻڌايو ويندو، فرشتا ان کي وٺي ويندا ته انهيءَ گهڙي ان جي نظر (انهيءَ) نيڪ ٻانهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

تي پونديون، اهو چوندو: اي فلان! ڇا تو هان مون کي سڃاتو؟ تہ اهو (عابد) چوندو: تون ڪير آهين؟ چوندو: مان اهو ئي آهيان جنهن بيابان واري ڏينهن تنهنجي جان بچائي هئي! تہ اهو چوندو: ها ها سڃاڻي ورتو تہ اهو نيڪ ٻانهو فرشتن کي چوندو: بيهي رهو! تہ اهي بيهي رهندا. پوءِ ربّ تعاليٰ کان دعا ڪندي عرض ڪندو: اي پروردگار عَزَّوَجَلَّ! تون ان شخص جو مون تي احسان ڄاڻين ٿو، ڪيئن ان منهنجي جان بچائي هئي! اي ربّ عَزَّوَجَلَّ! هن جو معاملو منهنجي حوالي ڪر تہ الله تعاليٰ فرمائيندو: اهو تون جي حوالي، پوءِ اهو نيڪ ٻانهو ايندو ۽ پنهنجي (پاڻي پيئارڻ واري) ڀاءُ جو هٿ پڪڙي جنت ۾ وٺي ويندو.

(المعجم الاوسط ج 2ص 167 حديث 2906)

## ايثار جي مدني بهار

هڪ اسلامي ڀيڻ سان پيش ايندڙ هڪ مدني بهار مختصراً عرض خدمت آهي: بمبئي جي هڪ علائقي ۾ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي طرفان ٿيندڙ اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع (سومر شريف 22 صفرُالمُظفر 1428 ھ بمطابق 2007/3/12) جي اختتام تي هڪ ذميدار اسلامي ڀيڻ وٽ ڪنهن نئي اسلامي ڀيڻ پنهنجي چپل گُم ٿيڻ جي شڪايت ڪئي، ذميدار اسلامي ڀيڻ انفرادي ڪوشش ڪندي ان کي پنهنجي چپل جي پيشڪش ڪئي، اتي موجود هڪ ٻي اسلامي ڀيڻ جنهن کي مدني ماحول سان وابستہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالٰى عليه واله وسلم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

ٿيندي اجا تقريباً ست مهينا ئي ٿيا هئا، ان اڳتي وڌي اهو چوندي ته ”ڇا دعوت اسلامي جي خاطر مان ايتري قرباني به نٿي ڏئي سگهان!“ اصرار ڪندي پنهنجي چپل ان نئي اسلامي ڀيڻ کي قبول ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ پيرين اگهاڙي گهر هلي وئي. رات جو جڏهن ستي ته ان جي قسمت جاڳي پئي! ڇا ٿي ڏسي سرڪار نامدار، مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو چنڊ جهڙو چهرو چمڪائيندي جلوا فرما آهن، ۽ هڪ وڏي عمر جا مبلغ دعوت اسلامي مٿي تي سبز سبز عمامو سجائي قدمن ۾ حاضر آهن. سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چپن مبارڪن کي جنبش ٿي، رحمت جا گل ٽڙڻ لڳا ۽ الفاظ ڪجهه هن ترتيب ۾ هئا: چپل ايثار ڪندي وقت توهان جي زبان مان نڪتل الفاظ ”ڇا دعوت اسلامي جي خاطر مان ايتري قرباني به نٿي ڏئي سگهان!“ اسان کي تمام گهڻا پسند آيا. (ان کان علاوه به حوصله افزائي فرمائي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! دعوت اسلامي جي ”مدني ماحول“ ۾ ايثار جي به خوب مدني بهار آهي! ۽ ايثار جي فضيلت جا به خوب اَنوار آهن! ٻنهي جهانن جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان پُر بهار آهي: جيڪو شخص ڪنهن شيءِ جي خواهش رکندو هجي، پوءِ ان خواهش کي روڪي پاڻ تي (ڪنهن ٻئي کي) ترجيح ڏئي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي.
(اتحاف السادة للزبيدي ج 9 ص 779)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڇا توهان پنهنجي آخرت جي بهتري لاءِ مدني قافلي ۾ سفر جي لاءِ هر مهيني صرف ٽن ڏينهن جي قرباني نٿا ڏئي سگهو؟ اها غور جي ڳالهه آهي ته ڇا دعوت اسلامي خاطر ايتري به قرباني نٿا ڏئي سگهون؟

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو

**يا ربّ مصطفيٰ!** اسان کي خوش دلي ۽ سنين سنين نيتن سان خوب خوب ايثار ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ اسان کي مديني منور زادَھَا اللّٰہُ شَرَفاً وَّتَعۡظِیۡماً ۾ زيرِ گنبذِ خَضرا شهادت، جنت البقيع ۾ مَدفن ۽ جنتُ الفِردوس ۾ بي حساب داخلہ عنايت فرماءِ ۽ پنهنجي مدني حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پاڙي ۾ جڳهه عطا فرماءِ. اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل
نام غفّار ہے ترا یا رب

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (ابن عساکر ج 9 ص 343)

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ علیه واله وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سڀني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ”مدني حليو اپنايو“ جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان لباس جا 14 مدني گل

**ٽي فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: # جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگهڙ وچ ۾ پردو اهو آهي جو جڏهن ڪپڙا لاهي ته بِسمِ اللهِ چوي. (المعجم الاوسط للطبراني ج 2 ص 59 حديث 2504) **مُفسّر شهير، حکيم الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان فرمائن ٿا: يعني جيئن ديوار ۽ پردو ماڻهن جي لاءِ اوٽ (آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر جنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو ته جيئن جنّ ان کي ڏسي نه سگهن. (مراٰة المناجيح ج1ص268) # جيڪو شخص ڪپڙو پائي ۽ پڙهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ كَسَانِيْ هٰذَا وَرَزَقَنِيْهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ مِّنِّيْ وَلَا قُوَّةٍ [1] ته ان جا اڳيان پويان گناهه معاف ٿي ويندا. (ابوداؤد ج 4 ص 59 حديث 4023) # جيڪو قدرت باوجود سٺا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلّو (يعني لباس) پارائيندو. (ايضاً ص 326 حديث 4778) # **خَاتَمُ المُرْسَلِين، رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِين** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ لباس اڪثر سفيد ڪپڙي جو هوندو هو. (ڪشف الالتباس في استحباب اللباس للشيخ عبدالحق الدهلوي ص 36)

---

(1) تمام تعريفون الله جي لاءِ جنهن مونکي هي ڪپڙو پارايو ۽ منهنجي طاقت ۽ قوت بغير مونکي عطا فرمايو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

# لباس حلال ڪمائي مان هجي ۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي (ايضاً 41) # منقول آهي: جنهن ويهي ڪري عمامو ٻڌيو، يا بيهي ڪري سَراوِيل (يعني پاجامو يا سلوار) پاتي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي اهڙي مرض ۾ مبتلا فرمائيندو جنهن جي دوا ناهي. (ايضاً 39) # پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪرتو پايو تہ پهرين آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾ (ايضاً 43) # اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهرين ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪرتو يا پاجامو) لاهيو تہ ان جو خلاف يعني کاٻي پاسي کان شروع ڪيو # **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مكتبة المدينه** جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهارشريعت**" جلد 3 صفحي 409 تي آهي: سنت هي آهي تہ دامن جي ڊيگهہ اڌ پني تائين هجي ۽ آستين جي ڊيگهہ وڌ مان وڌ آڱرين جي پورن تائين ۽ ويڪر هڪ بالشت هجي # سنت هي آهي مرد جو تهبند (گوڏ) يا پاجامو پيڏين کان مٿي رهي # مرد مردانو ۽ عورت زنانو لباس ئي پائي . ننڍن ٻارن ۽ ٻارڙين ۾ بہ هن ڳالهہ جو لحاظ رکو # **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مكتبة المدينه** جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" جلد 1 صفحي 481 تي آهي: مرد جي لاءِ دُن کان هيٺ گوڏن جي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

هيٺ تائين عورت آهي يعني ان جو ڍڪيل هجڻ فرض آهي، ڏُن هن ۾ داخل ناهي ۽ گوڏا داخل آهن. (درمختار، ردالمحتار ج 2 ص 93) هن زماني ۾ ڪئي اهڙا آهن جيڪي تهبند (گوڏ) ائين پائيندا آهن جو پيڙو (يعني ڏُن جي هيٺ) جو ڪجھ حصو کليل رهندو آهي جيڪڏهن ڪرتي وغيره سان اهڙي طرح ڍڪيل هجي جو جِلد (يعني کل) جي رنگت نہ چمڪي تہ خير، نہ تہ حرام آهي ۽ نماز ۾ چوٿائي برابر کليل رهي تہ نماز نہ ٿيندي. (بهارشريعت) خاص ڪري حج ۽ عمري جي احرام وارن کي هن ۾ سخت احتياط جي ضرورت آهي # اڄڪلھ ڪجھ ماڻهو سر عام ماڻهن جي سامهون نيڪر (هاف پينٽ) پائي گهمندا آهن جنهن سان انهن جا گوڏا ۽ رانون نظر اينديون آهن هي حرام آهي، اهڙن جي کليل گوڏن ۽ رانن ڏانهن نظر ڪرڻ بہ حرام آهي، بالخصوص راند روند جي ميدان، ورزش جي جڳهن ۽ سمنڊ جي ڪناري تي اهڙا منظر گهڻا هوندا آهن . تنهنڪري اهڙن جڳهن تي وڃڻ لاءِ سخت احتياط ضروري آهي # تڪبّر جي طور جيڪو لباس هجي اهو ممنوع آهي . تڪبر آهي يا نہ ان جي سڃاڻپ ائين ڪري جو ان ڪپڙن جي پائڻ کان پهرين پنهنجي جيڪا حالت ڏسي ٿو جيڪڏهن پائڻ کان پوءِ بہ اها ئي حالت آهي تہ خبر پئي ان ڪپڙن ۾ تڪبر پيدا نہ ٿيو. جيڪڏهن اها حالت باقي نہ رهي تہ تڪبر اچي ويو تنهنڪري اهڙن ڪپڙن کان بچي جو تڪبر بري صفت آهي . (بهارشريعت ج 3 ص 409، ردالمحتار 9 ص 579)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

## مَدَني حُليو

ڏاڙهي، زلفَ، مٿي تي سبز سبز عمامو شريف (سبز رنگ گهٽو ڊارڪ نه هجي) ڪلين وارو سفيد ڪرتو سنت جي مطابق اڌ پني تائين ڊگهو، آستينون هڪ گرانٺ ويڪريون، سيني تي دل واري پاسي کيسي ۾ نمايان مسواڪ، پاجامو يا سلوار پيڏين کان مٿي، ۽ مٿي تي سفيد چادر ۽ مدني انعامات تي عمل ڪندي پردي ۾ پردو ڪرڻ لاءِ ناسي چادر به گڏ هجي ته مدينه مدينه.

اسلامي ڀينرون شرعي پردو ڪن ۽ ضرورتاً بالڪل سادو بغير پرت وارو مدني برقعو پائن.

**دعاءِ عطار:** ياالله عَزَّوَجَلَّ ! مون کي مدني حليي ۾ رهڻ وارن تمام اسلامي ڀائرن ۽ مدني برقعي وارين اسلامي ڀينرن کي سبز سبز گنبذ جي سايي ۾ شهادت، جنت البقيع ۾ مدفن ۽ جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري محبوب جو پاڙو نصيب فرماءِ.
ياالله عَزَّوَجَلَّ سڀني امت جي مغفرت فرماءِ.

اُن کا دیوانہ عمامہ اور زُلف و رِیش میں
لگ رہا ہے مَدَنی حُلیے میں وہ کتنا شاندار

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتیں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

## امير اهلسنت، مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

### دامت برڪاتهم العاليه جا سنڌي زبان ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب ۽ رسالا

مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي) امير اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه جي مايہ ناز تصنيف ٿيل ڪتابن ۽ رسالن جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي . جن جو تفصيلي ذڪر ڪجھ هن ريت آهي:

1. فيضانِ سنت (جلد پهريون)
2. غيبت جون تباهہ ڪاريون (جلد ٻيو)
3. نماز جا احڪام
4. بياناتِ عطاريہ (حصو پهريون)
5. پردي جي باري ۾ سوال جواب
6. گهريلو علاج
7. مدني پنج سوره
8. عاشق اڪبر
9. سامونڊي گنبذ
10. وسوسا ۽ ان جو علاج
11. استنجا جو طريقو
12. غفلت
13. نهر جون صدائون
14. گناهن جو علاج
15. گانن باجن جون تباهہ ڪاريون
16. ابوجهل جو موت
17. شيطان جا چار گڏهہ
18. احترامِ مسلم
19. ويران محل
20. قبر جو امتحان
21. مڙدي جي بيوسي
22. اَبلق گهوڙي سوار
23. جنات جو بادشاهہ
24. نانگ جي صورت ۾ جن
25. مسجدون خوشبودار رکو
26. امام احمد رضا جو تذڪرو
27. مڙدي جا صدما
28. حسيني گهوٽ
29. صبحِ بهاران
30. زلزلو ۽ ان جا اسباب
31. زخمي نانگ
32. ذِڪر واري نعت خواني
33. ملازمين جي لاءِ 21 مدني گل
34. تنگدستيءَ جا اسباب
35. 40 روحاني علاج
36. آقا جو مهينو
37. ڪفن جي واپسي
38. بريلي ڪان مدينو
39. شجره عطاريہ
40. امرد پسندي جو تباهہ ڪاريون

# مدني بهار

حيدرآباد جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي.
گهڻو ڪري 1994ع جي ڳالهه آهي. منهنجي ٻارن جي ماءُ جو سائيءَ جو مرض (يعني يرقان) ڪافي وڌي چُڪو هو ۽ هوءَ بابُ المدينه ڪراچيءَ ۾ پنهنجي پيڪن وٽ زيرِ علاج هئي. مون 63 **ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي** ۾ سفر اختيار ڪيو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ باب المدينه ڪراچي حاضري ٿي، فون تي رابطو ڪيو، طبيعت ڪافي ڳڻتيءَ جوڳي هئي، بلوربن (Blorbin) خطرناڪ حد تائين وڌي چُڪو هو، تقريبًا 25 گلوڪوز جون ڊرپون لڳائڻ جي باوجود مناسب فائدو نہ ٿيو. مون کين تسلي ڏيندي چيو: اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ **مدني قافلي جو مسافر** آهيان، عاشقانِ رسول جون صحبتون مُيَسَّر آهن. اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي بَرَڪت سان سڀ ڪجهه بهتر ٿي ويندو. ان کان پوءِ بہ مون لڳاتار رابطو رکيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڏينهون ڏينهن صحت بهتر ٿيندي پئي ويئي. پنجين ڏينهن باب المدينه کان اڳتي سفر درپيش هو. مون جيئن ئي فون ڪئي تہ مون کي هيءَ فرحت بخش خبر ٻُڌڻ لاءِ ملي، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **بلوربن جي رپورٽ نارمل آئي آهي ۽ ڊاڪٽر اطمينان جو اظهار ڪيو آهي**. الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪندي مان خوشيءَ وچان **عاشقانِ رسول** سان گڏ مدني قافلي ۾ وڌيڪ اڳتي سفر تي روانو ٿي ويس.

